هفتيوار رسالو

# جنت
# جي باري ۾
# دلچسپ معلومات

(سنڌي)

- معلوماتي سوال جواب
- جنتي ميوو دنياوي ميون جي مشابہ ڇو؟
- جنتون ڪيتريون آهن؟
- دنيا ۾ جنت مان آيل 18 شيون

ترجمو
TRANSLATION
DEPARTMENT
(DAWAT-E-ISLAMI)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: **جنت جي باري ۾ دلچسپ معلومات**

تعداد:

چاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڱتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، باني ءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

# جنت جي باري ۾ دلچسپ معلومات

**ترجمو**

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# جنت جي باري ۾ دلچسپ معلومات

دُعاءِ عطار: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”جنت جي باري ۾ دلچسپ معلومات“ پڙهي يا ٻُڌي وٺي اُن کي والدين ۽ خاندان سميت جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري پياري آخري نبي جو پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جنت جو انوکو ميوو درود شريف جي فضيلت

مسلمانن جا چوٿان خليفہ مولاءِ ڪائنات حضرت علي المرتضي شير خدا رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: الله پاڪ جنت ۾ هڪ وڻ پيدا فرمايو آهي جنهن جو ميوو صوف کان وڏو ڏاڙهوءَ کان ننڍو، مکڻ کان نرم، ماکي کان منو ۽ مشڪ کان وڌيڪ خوشبودار آهي. ان وڻ جون شاخون موتين جون، ٿُڙ سون جا ۽ پن زبرجد جا آهن. هِن وڻ جو ميوو اهو ئي کائي سگهندو جيڪو مديني جي مير صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي گهڻي کان گهڻو درود پاڪ پڙهندو. (الحاوی للفتاویٰ ، 48/2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ۾ گهر

الله پاڪ هن دنيا کان علاوه بہ ٻيا بہ عظيم الشان گهر پيدا فرمايا آهن: هڪ ”نعمتن وارو گهر“ آهي، جنهن کي جنت چئبو آهي ۽ ٻيو سزا وارو گهر آهي جنهن کي دوزخ چئبو آهي. الله پاڪ جنت ۾ پنهنجي ايمان وارن جي لاءِ ڪيتريون ئي اهڙيون نعمتون جمع فرمايون آهن جنهن کي نہ ڪنهن جي اکين ڏٺو، نہ ڪنهن جي ڪنن ٻڌو، نہ ئي ڪنهن ماڻهوءَ جي دل ۾ ان جو خيال آيو. جنت جي تعريف ۾ جيڪي مثال ڏنا ويندا آهن اهي صرف سمجهائڻ جي لاءِ

آهن نہ تہ دنيا جي سڀ کان بهترين شيءِ کي جنت جي ڪنهن بہ شيءِ سان ڪا بہ مناسبت(Relevance) ناهي.

## جنت ڪيتري وڏي آهي ؟

جنت جا طلبگارؤ! جنت کي پيدا ڪرڻ وارو اسان جو خالق ۽ مالڪ قرآن ڪريم جي سيپاري 4 سورت آل عمران جي آيت نمبر 133 ۾ ارشاد فرمائي ٿو.

| | |
|---|---|
| وَ سَارِعُوْۤا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَ جَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُۙ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِیْنَۙ﴿۱۳۳﴾ | ترجموڪنزالعرفان: پنهنجي رب جي بخشش ۽ ان جي جنت ڏانهن ڊوڙو جنهن جي چوڑائي آسمانن ۽ زمين جي برابر آهي، اها پرهيزگارن جي لاءِ تيار ڪئي وئي آهي. |

هن آيت جي تفسير ۾ آهي تہ: گناهن کان توبه، الله پاڪ جا فرض ادا ڪري، نيڪين تي عمل ۽ تمام اعمال ۾ اخلاص پيدا ڪري پنهنجي رب جي بخشش ۽ جنت ڏانهن جلدي ڪيو. پوءِ جنت جي وسعت کي اهڙي طرح بيان فرمايو جيئن ماڻهو سمجهي سگهن، چوتہ ماڻهو جيڪا سڀ کان وڏيڪ وسيع (وڏي) شيءِ ڏسندا آهن، اهي آسمان ۽ زمين ئي آهن، ان سان اهي اندازو ڪري سگهن ٿا تہ جيڪڏهن تمام زمينن ۽ آسمانن کي ترتيب سان هڪ لائن ۾ رکي گڏ ڪيو وڃي تہ جيڪا وسعت نهندي ان سان جنت جي چوڑائي جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ڪيتري وڏي آهي.

(تفسير صراط الجنان،پ4، اٰل عمران، تحت الآية: 133، 2/ 53)

## معلوماتي سوال جواب

الله پاڪ جي عطا سان غيب جون خبرون ڏيڻ واري اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ هرقل بادشاهه لکيو تہ جڏهن جنت ايتري وڏي آهي جو زمين ۽ آسمان ان ۾ سمائجي وڃن تہ پوءِ دوزخ ڪٿي آهي؟ حضور اڪرم

صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جواب ۾ فرمايو: سُبْحٰنَ اللّٰہ! جڏهن ڏينهن ايندو آهي ته رات ڪٿي هوندي آهي؟

مفسر قرآن حضرت علامہ نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا: هن فصيح ۽ بليغ گفتگو جي معنيٰ تمام باريڪ آهي، ظاهري طور تي معنيٰ هي آهي ته دوره فلڪي ( يعني آسمان جي چوڏاري) هڪ پاسي ڪان ڏينهن حاصل ٿيندو آهي ته ان جي ٻي پاسي رات هوندي آهي. اهڙي طرح جنت جانب بالا(يعني مٿين طرف) ۾ آهي ۽ دوزخ هيٺين طرف. مسلمانن جي ٻي خليفي حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان يهودين هي سوال ڪيو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ به اهو ئي جواب ڏنو. ان تي يهودين عرض ڪيو توريت ۾ به اهو ئي سمجهايو ويو آهي. مطلب هيءُ ته الله پاڪ جي قدرت ۽ اختيار کان ڪا به شيءِ پري ناهي جنهن شيءِ کي جتي چاهي رکي، هي انسان جي تنگ نظري آهي جو ڪنهن شيءِ جي وڏي هجڻ کان حيران ٿي ڪري پڇڻ لڳندو آهي ته اهڙي وڏي شيءِ ڪٿي سمائجندي ؟ (تفسير خزائن العرفان، پ4، اٰلِ عمران، تحت الاية:131، ص120)

گدا بھی منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا  خُدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضِیافت کا

(حدائقِ بخشش، ص37)

شرح ڪلام رضا: الله پاڪ جي بارگاه ۾ امام اهل سنت اعلي حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جنت جي عظيم نعمتن جو ذڪر ڪندي عرض ڪن ٿا: ياالله پاڪ! جنت ۾ نيڪ ٻانهن کي ڪيترين ئي نعمتن ۽ دعوتن سان نوازيو ويندو، مان به ان دعوت جو انتظار ڪري رهيو آهيان. تنهنجي فضل ۽ ڪرم سان خير سان اهو وقت اچي جڏهن اسان جنتي نعمتن سان لطف اندوز ٿيون.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب  صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## جنت ڪٿي آهي؟

جنت ڪٿي آهي؟ هن حوالي سان علماءِ ڪرام رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہِم جا مختلف ارشاد آهن جڏهن ته وڌيڪ صحيح ڳالهه هي آهي ته جنت ستين آسمان کان مٿي آهي جو ته قرآن ڪريم ۾ آهي:

| | |
|---|---|
| عِنْدَ سِدْرَةِ الْمُنْتَهٰى ﴿۱۴﴾ | ترجمو ڪنزالعرفان:سدرة المنتهيٰ |

| عِنۡدَهَا جَنَّةُ الۡمَاۡوٰى ﴿۱۵﴾ (پ27،النجم:14، 15) | وٽ. ان وٽ جنت الماويٰ آهي. |
| --- | --- |

صحابي رسول حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ کان پڇيو ويو تہ جنت آسمان ۾ آهي يا زمين ۾؟ فرمايائون ڪهڙي زمين ۽ ڪهڙو آسمان اهڙو آهي جنهن ۾ جنت سمائجي سگهي ؟ عرض ڪيو ويو: پوءِ ڪٿي آهي ؟ فرمايائون: آسمانن جي مٿان ۽ عرش جي هيٺان.

(تفسير خازن، پ4،اٰل عمران، تحت الآية:133، 1 / 301)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جنت نهايت عظيم الشان جڳهه آهي، الله پاڪ جي رضا ۽ ان جي ديدار جي جڳهه آهي. قرآن ڪريم ۾ جنت جي عظمت ۽ شان کي ڪيئي ڀيرا بيان ڪيو ويو آهي. الله پاڪ پنهنجي پياري آخري نبي صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان کي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرمائي.

بِلا حساب ہو جنّت میں داخِلہ یارب | پڑوس خُلد میں سرور کا ہو عطا یارب

(وسائلِ بخشش،ص82)

## جنت ڪيتري وڏي آهي؟

جنت جي عظمت جي بہ ڇا ڳالھ ڪجي. جنت ڪيتري وڏي آهي هي الله پاڪ ۽ ان جي ٻڌائڻ سان سندس رسول صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ئي ڄاڻن ٿا. خلاصو هي آهي تہ جنت ۾ 100 درجا آهن، هر ٻن درجن ۾ ايترو فاصلو آهي جيترو زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ آهي. ”ترمذي شريف“ جي حديث پاڪ ۾ آهي: تہ جيڪڏهن تمام عالَم هڪ درجي ۾ جمع ٿين تہ سيني جي لاءِ وسيع آهي. (ترمذی،4/239، حديث:2540)

## جنت جي خوبصورتي

انسان دنيا ۾ خوبصورت منظر ڏسي ڪري خودبخود ڳالهائڻ لڳندو آهي، هي تہ جنت جهڙو منظر آهي يعني هڪ عام انسان جي ذهن ۾ بہ جنت جو نقشو حسين ۽ جميل آهي. پر ياد رکو تہ دنيا جا تمام خوبصورت منظر جنت جي سامهون ڪا حيثيت نٿا رکن چوتہ جنت ايتري تہ خوبصورت آهي جو جيڪڏهن دنيا ۾ ننهن جيتري ڪا شيءِ دنيا ۾ ظاهر ٿي وڃي تہ تمام زمين ۽ آسمان ان

سان روشن ٿي وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن جنتي جو ڪنگڻ ظاهر ٿئي ته سج جي روشنيءَ کي ختم ڪري ڇڏي. جيئن سج تارن جي روشنيءَ کي ختم ڪري ڇڏيندو آهي. (ترمذی،241/4، حديث: 2547 مفہوماً)

## جنت ۾ داخل ٿيڻ جو بيان

جنت جا دروازا ايترا ويڪرا هوندا جو هڪ بازو کان ٻي بازو تائين تيز گهوڙي جي ستر سالن جو سفر هوندو(يعني هڪ تيز رفتار گهوڙو ستر سالن تائين ڊوڙندو رهي، ايترا وڏا دروازا هوندا). (مسندامام احمد، 475/5، حديث:16206ملتقطاً)
پوءِ به جنت ۾ وڃڻ وارن جي ايتري ته وڏي تعداد هوندي جو ڪلهي سان ڪلهو لڳندو هوندو بلڪ رش جي ڪري دروازو چيچاٽ ڪرڻ لڳندو. (بہار شریعت، 1/ 154، حصہ:1) پهريون گروه جيڪو جنت ۾ ويندو، انهن جو منهن ايئن روشن هوندو جيئن چوڏهين جو چنڊ، ۽ ٻيو گروهه جيئن ڪو انتهائي روشن ستارو، جنتي سيئي هڪ دل هوندا، انهن جو پاڻ ۾ ڪو اختلاف ۽ بغض نه هوندو.
(بہار شریعت، 1/ 157، حصہ:1)

## جنت ۾ وڻ ڪهڙا هوندا

صحابي رسول حضرت سلمان فارسي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هڪ ننڍڙي ڪاني ڪٽي ڪري فرمايو: جيڪڏهن جنت ۾ هن جيتري به ڪاني تلاش ڪندؤ ته توهان کي نظر نه ايندي. عرض ڪيو ويو: پوءِ ڪجهي ۽ ٻيا وڻ ڪٿي هوندا؟ فرمايائون: انهن جون پاڙون موتين ۽ سون جون هونديون ۽ مٿاهين حصي ۾ ميوا هوندا. جنت ۾ هڪ وڻ آهي جنهن جي ڇانؤ ۾ 100 سالن تائين تيز گهوڙي تي سوار هلندو رهي پوءِ به اها ڇانو ختم نه ٿي .
(البدورالسافرۃ (اردو)، ص654) (البدور السافرۃ، ص367)

## جنتي محل ۽ان جا در۽ پٽيون

جنت ۾ مختلف قسمن جي جواهر(يعني قيمتي پٿر) جا اهڙا صاف ۽ شفاف محل آهن جن جو اندريو حصو ٻاهر کان ۽ ٻاهريو اندر کان نظر ايندو آهي. جنت جون پٽيون سون ۽ چاندي جي سرن ۽ مشڪ جي گاري سان ٺهيل آهن. هڪ سر سون جي، هڪ چاندي جي، زمين زعفران جي، پٿرن جي جڳهه تي موتي ۽ ياقوت آهن. ۽ هڪ روايت ۾ آهي ته جنتِ عدن جي هڪ سِر سفيد موتي جي

آهي، هڪ ڳاڙهي ياقوت جي، هڪ سائي زبرجد جي، ۽ مشڪ جو گارو آهي ۽ گاهه جي جڳهه تي زعفران آهي، موتين جون پٿريون، عنبر جي مٽي، جنت ۾ هڪ هڪ موتي جو خيمو هوندو جنهن جي بلندي سٺ ميل هوندي.
(بہار شریعت، 1/ 154، حصہ:1)

امام محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جنتي محل جو شوق ڏياريندي ارشاد فرمائن ٿا: هن ڳالهه تي وڏو تعجب آهي تہ جيڪڏهن توهان جو ساٿي يا پاڙيسري، مال يا وڏي عمارت ۾ توهان کان اڳتي نڪري وڃي تہ توهان کي اها ڳالهه اڻ وڻندڙ محسوس ٿيندي آهي ۽ اوهان جو سينو تنگ ٿي ويندو آهي ۽ حسد جي ڪري توهان جي زندگي مشڪل ٿي ويندي آهي جڏهن تہ توهان جي لاءِ سڀ کان بهتر حالت هي آهي تہ توهان جنت ۾ پنهنجو مقام بڻايو جڏهن تہ ڪيترا ئي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي جنت ۾ نيڪين جي ذريعي توهان کان اڳتي وڌڻ وارا آهن ۽ دنيا پنهنجي تمام مال ۽ اسباب سان گڏ بہ انهن جي برابر نٿي ٿي سگهي. (احياء العلوم،302/5۔احياء العلوم(اردو)،744/5)

صفِ ماتم اُٹھے خالی ہو زنداں ٹوٹیں زنجیریں گنہگارو چلو مولیٰ نے در کھولا ہے جنّت کا

(حدائقِ بخشش،ص38)

شرح ڪلام رضا: امام حضرت امام احمد رضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه قيامت جي ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جو منظر تصور ڪندي بيان ڪن ٿا: الله پاڪ جي اجازت ۽ رحمت سان، جڏهن اسان جا آقا (صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) گنهگارن جي شفاعت ڪندا ۽ دوزخ ۾ وڃڻ وارن کي مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت جو صدقو ملندو. پوءِ قيامت جي ڏينهن جو منظر اهڙو هوندو جو حساب ۽ ڪتاب ۾ پريشاني جي حالت ۾ اٿندا. دوزخ جي عذاب کان نجات ملندي ۽ آواز ايندو: گنهگارو! هلو هلو، جنت جي طرف هلو، الله توهان لاءِ جنت جو دروازو کولي ڇڏيو آهي.

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنتي مشروبات

دنيا جو لذيذ کان لذيذ شربت ۽ جوس جنت جي مشروبات تي قربان، ڇو تہ دنيا جي شربت ۽ جوس جو ذائقو وات ۾ ٿوري دير تائين رهندو آهي، جڏهن تہ جنت

۾ چار درياء آهن، هڪ پاڻي جو، ٻيو کير جو، ٽيون ماکيءَ جو، چوٿون شراب جو، پوءِ انهن مان شاخون نڪري هر جنتي جي گهر ۾ وهنديون آهن. اتان جي نهرن جي شان اها آهي جو اُهي زمين کوٽي ڪري نه وهنديون آهن، بلڪ زمين جي مٿان هلنديون آهن، واهن جو هڪ پاسو موتي جو آهي، ٻيو ياقوت جو آهي ۽ واهن جي زمين خالص مشڪ جي آهي. اُتي شراب دنيا جهڙي نه آهي، جنهن ۾ بدبوءِ، ڪوڙاڻ ۽ نشو هجي ۽ پيئڻ وارا بي عقل، حواس وڃائي ڪري بڪواس ڪرڻ لڳن، اها پاڪ شراب انهن سيني ڳالهين کان خالي آهي. (بهار شريعت، 155/1، حصو: 1) الله پاڪ قرآن پاڪ جي سيپاري 30، سورة المطففين جي آيت نمبر 25 کان 28 ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ﴿۲۵﴾ خِتٰمُهٗ مِسْكٌؕ وَ فِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ﴿۲۶﴾ وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ﴿۲۷﴾ عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ﴿۲۸﴾ | ترجموڪنزالعرفان: انهن کي صاف سٿرو خالص شراب پياريو ويندو جنهن تي مُهر لڳل هوندي. ان جي مُهر مشڪ (جي) آهي ۽ رغبت ڪرڻ واري کي انهيءَ ۾ رغبت ڪرڻ گهرجي. ۽ ان جي ملاوٽ تسنيم مان آهي. هڪ چشمو جنهن مان مقرب ٻانها پيئندا. |

تفسير صراط الجنان ۾ انهن آيتن جي تفسير هن طرح بيان ڪئي وئي آهي: جنت ۾ انهن کي صاف سٿري خالص شراب پياري ويندي، جنهن جي ٿانوَن تي مهر لڳل هوندي، ۽ ابرار ئي انهن جي مهر ٽوڙيندا، انهن ٿانوَن تي لڳل مهر مشڪ جي ٺهيل هوندي آهي، ۽ رشڪ ڪرڻ وارن کي الله جي فرمانبرداري جي طرف جلدي ڪري ۽ برائي کان بچي ڪري انهي تي رشڪ ڪرڻ گهرجي. ته جيئن انهن کي مشڪ جي مهر لڳل شراب حاصل ٿئي ۽ ان شراب ۾ تسنيم مليل آهي، جيڪو جنت جي شرابن ۾ اعليٰ ترين شراب آهي ۽ تسنيم شراب جو اهو چشمو آهي جنهن مان صرف الله جا پيارا ٻانها پيئندا ۽ تسنيم شراب جا ڪجهه قطرا باقي جنتي ماڻهن جي شراب ۾ شامل ڪيا ويندا.
(تفسير صراط الجنان ص 30، المطففين، آيت نمبر 25 کان 28، 580/10)

## جنتي شراب ڪنهن لاءِ؟

الله جي محبوب، آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو هي پسند ڪري ته الله ڪيس آخرت ۾ شراب پيئاري ته هو ان کي دنيا ۾ ڇڏي ڏي.

(معجم اوسط،6/ 312، حديث:8879)

چشمِ تَر اور قلبِ مُضطر دے — اپنی اُلفت کی مَے پلا یارب

(وسائلِ بخشش،ص79)

## جنتي کاڌا

جيڪي ماڻهو مختلف ملڪن ۽ شهرن ۾ کاڌي جو ذائقو چيڪ ڪرڻ لاءِ ويندا آهن، انهن کي جنتي کاڌي جو شوق رکڻ گهرجي. الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ جنتي ماڻهن جي کاڌي جو ذڪر ڪندي فرمايو آهي ته انهن کي ميوا، تازا توانا پکي، من ۽ سلويٰ، ماکي، کير ۽ کيترن ئي قسمن جا بيشمار لذيذ کاڌا ملندا، اهي جيڪي خواهش ڪندا فوراً انهن جي سامهون موجود هوندو جيڪڏهن ڪنهن پکي کي ڏسي ڪري ان جو گوشت کائڻ تي دل چاهيندي، ته انهيءَ وقت اهو پُڳل پکي وٽس اچي پهچندو، جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش ڪندو ته پاڻي جو گلاس از بخود هٿن ۾ اچي ويندو. ان ۾ صحيح اندازي جي مطابق پاڻي، کير، شراب، ماکي هوندو، هڪ قطرو سندن خواهش کان گهٽ يا وڌيڪ نه هوندو، پيئڻ کان پوءِ اهي پاڻمرادو اتان هليا ويندا، جتان آيا هئا.

(بہارِشریعت،155/1حصہ1:)

## جنتي ميوا دنياوي ميون جهڙا ڇو آهن؟

قرآن پاڪ ۾ جنت جي ميون جي باري ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته اهي ميوا به دنيا جي ميون سان ملندڙ جلندڙ هوندا ڇو ته جنتي دنيا جي ميون کان مانوس هئا پر انهن جو ذائقو دنيا جي ميون کان تمام گهڻو بهتر هوندو.

سيپارو 1، سورت بقره، آيت نمبر 25 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

| | |
|---|---|
| كُلَّمَا رُزِقُوْا مِنْهَا مِنْ ثَمَرَةٍ رِّزْقًا ۙ قَالُوْا هٰذَا الَّذِیْ رُزِقْنَا مِنْ قَبْلُ ۙ وَ | ترجموڪنزالعرفان: جڏهن انهن کي هنن باغن مان ڪو ميوو کائڻ لاءِ ڏنو ويندو ته چوندا. هي ته اهوئي رزق آهي جيڪو اسان کي |

| | |
|---|---|
| أُتُوْا بِهٖ مُتَشَابِهًا ؕ | پهريان ڏنو ويو هو، حالانڪ انهن کي ملندڙ جلندڙ ميوو(پهريان) ڏنو ويو هو. |

## جنت ۾ هاضمي جو نظام

جنت ۾ ڪا به نجاست، گندگي، ٿڪ، جسم تي متي بلڪل نہ هوندي، هڪ خوشبودار آرامده اوڳرائي ايندي، خوشبودار آرامده پگهر نڪرندو، تمام کاڌو هضم ٿي ويندو، اوڳرائي ۽ پگهر مان مشڪ جي خوشبو نڪرندي.
(مسلم، ص 1165، حديث: 7152 خلاصو)

## جنتين جي خدمت

هر جنتي ماڻهوءَ جي متن کان گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ هزار خادم بيٺا هوندا، هر خادم جي هڪ هٿ ۾ چانديءَ جو پيالو هوندو ۽ ٻئي هٿ ۾ سون جو پيالو هوندو ۽ هر هڪ پيالي ۾ الڳ الڳ رنگ جي نعمت هوندي، جيترو کائيندو ويندو لذت ۾ گهٽتائي نہ ايندي پر وڌندي ويندي، هر گرهہ ۾ ستر (70) لذتون هونديون ۽ هر لذت ٻئي کان مختلف هوندي ۽ اهي لذتون پاڻ ۾ گڏ محسوس ٿينديون، هڪ لذت جو احساس ٻي لذت ۾ فرق نہ وجهندو.
(بهار شريعت، 1/157، حصو: 1 ملخصا)

گدا بهي منتظر ہے خُلد میں نیکوں کی دعوت کا     خُدا دن خیر سے لائے سخی کے گھر ضِیافت کا
(حدائق بخشش ، ص37)

## جنتن جو شان

سنا ۽ قيمتي ڪپڙا پائڻ جو شوق رکڻ وارؤ! جيڪڏهن دنيا ۾ جنت جو ڪپڙو پاتو وڃي تہ جيڪو بہ ان کي ڏسي بي هوش ٿي وڃي، ۽ ماڻهن جون اکيون ان کي برداشت نہ ڪري سگهن. (بهار شريعت، 158/1، حصو: 1) ”جنت وارن جا ڪپڙا پراڻا نہ ٿيندا.“ (بهار شريعت، 157/1، حصو: 1) جنتي ماڻهن جي متي، اکين ۽ اَبرو کان سواءِ بدن تي ڪٿي بہ وار نہ هوندا، اهي سيئي بي ريش هوندا، سرمو لڳل اکيون، ٽيهن سالن جي عمر جا لڳندا. (مسند امام احمد، 3/393، حديث: 9386) ان کان وڌيڪ معلوم نہ ٿيندا. (ترمذي، 4/254، حديث: 2571) جنت وارن جي جواني ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي. (بهار

شريعت، 1/159، حصو: 1) نوان نوان طريقا اختيار ڪري ماڻهن کي سنا نظر اچڻ وارن کي جنت ۾ وڃي ويندڙ نيڪ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي،

## جنتي حورن جو حسن ۽ جمال

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حور (يعني جنتي عورت) جيڪڏهن زمين ڏانهن ڏسي ته زمين کان آسمان تائين روشن ٿي وڃي ۽ خوشبوءِ سان ڀرجي وڃي ۽ چنڊ ۽ سج جي روشني ختم ٿي وڃي ۽ ان جي چادر دنيا ۽ مافيها(يعني دنيا ۽ دنيا ۾ جيڪو ڪجهه آهي)کان بهتر آهي (بخاري، 4/264، حديث: 6568). هر جنتي کي حور عين (يعني وڏي اکين واري جنتي عورتن) مان گهٽ ۾ گهٽ ٻه زالون اهڙيون ملنديون جو انهن کي ستر ستر جوڙا پهريل هوندا پوءِ به انهن ڪپڙن ۽ گوشت جي ٻاهران، انهن جي پيڊين جو مغز ايئن نظر ايندو جيئن سفيد شيشي ۾ ڳاڙهي شراب نظر ايندي آهي ۽ اهو ان ڪري جو الله پاڪ انهن کي ياقوت جهڙو قرار ڏنو آهي، ياقوت ۾ سوراخ ڪري جيڪڏهن ان ۾ ڌاڳو وڌو وڃي ته ضرور ٻاهران نظر ايندو. انسان پنهنجي چهري کي سندن رخسار ۾ آئيني کان به وڌيڪ صاف ڏسندو ۽ ان حور تي ادنيٰ درجي جو جيڪو موتي هوندو اهو اهڙو هوندو جو مشرق کان مغرب (اوپر کان اولهه) تائين روشن ڪري ڇڏي. (بهار شريعت، 1/157، حصو: 1)

جڏهن انسان جنت ۾ ويندو ته ان جي مٿن ۽ پيرن ڏانهن به حورون اهڙي سهڻي آواز سان الله تعاليٰ جي تعريف ۽ پاڪي بيان ڪنديون جو اهڙو مٺو آواز مخلوق ڪڏهن نه ٻڌو هوندو. (معجم ڪبير 8/95، حديث: 7478)

## سڀ کان وڌيڪ حورون ڪنهن جي لاءِ؟

اي عاشقان رسول! الله پاڪ جي پياري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي اٿندي، ويهندي، ۽ هلندي ڦرندي هميشه درود شريف پڙهندا رهو جو آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: ”جنت ۾ سيني کان وڌيڪ حورون ان کي ملنديون جيڪو مون تي سڀ کان وڌيڪ درود شريف پڙهڻ وارو هوندو.“
(افضل الصلوات از النبهاني ص 25)

کیوں نہ زیبا ہو تجھے تاجوری تیرے ہی دم کی ہے سب جلوہ گری
ملک و جن و بشر حور و پری جان سب تجھ پہ فدا کرتے ہیں
(حدائقِ بخشش،ص114)

شرح ڪلام رضا: امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاھ رسالت ۾ عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! الله جي فضل سان دنيا ۽ آخرت جي بادشاهي توهان ئي کي لائق آهي، ڇو ته دنيا ۽ آخرت جون سڀ بهارون ۽ نعمتون توهان ئي جي صدقي آهن، توهان جي جيڪڏهن دنيا ۾ تشريف آوري نه ٿي ها ته الله پاڪ هن دنيا کي پيدا ئي نه فرمائي ها. خالقِ ڪونين جي عطا سان اوهان مالڪ ڪونين آهيو. ملائڪ، جن، انسان، حورون، پريون سيئي اوهان تي قربان ٿيندا آهن.

وہ جو نہ تھے تو کچھ نہ تھا وہ جو نہ ہوں تو کچھ نہ ہو
جان ہیں وہ جہان کی جان ہے تو جہان ہے

(حدائقِ بخشش،ص178)

## جنتن جي سواري ۽ خادم

جنت ۾ داخل ٿيڻ جي خواهش رکڻ وارؤ! جيڪڏهن جنتي پاڻ ۾ ملڻ چاهيندا ته هڪ جو تخت ٻئي وٽ اڏامي ڪري ويندو. ۽ هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته انهن وٽ تمام اعليٰ قسم جون سواريون ۽ گهوڙا آندا ويندا ۽ اهي انهن تي سوار ٿي جتي چاهيندا ويندا. (الترغيب و ترهيب، 304/4، حديث: 115)

## جنتي ماڻهن کي ملڻ وارن نعمتن جو بيان

رتبي ۽ درجي جي لحاظ کان سڀ کان ننڍي جنتيءَ کي اسي هزار خادم ۽ 72 زالون هونديون ۽ انهن کي اهڙا تاج ملندا جو جن جو سيني کان ننڍو موتي اوڀر ۽ اولهه جي وچ کي روشن ڪري ڇڏي. (ترمذي، 4/254، حديث: 2571) ۽ جيڪڏهن ڪو مسلمان اولاد جي خواهش ڪري ته ان جو حمل ۽ وضع(يعني ٻار جو پيدا ٿيڻ) ۽ پوري عمر (يعني ٽيهه سالن جي) خواهش ڪندي ئي هڪ گهڙيءَ ۾ ٿي ويندي. (ترمذي، 4/254، حديث: 2572)

## جنت ۾ رات ۽ ڏينهن نه هوندو..

جنت جي زندگي ڏاڍي پياري ۽ هميشه رهڻ واري آهي، ان ڪري جنت ۾ ننڊ ناهي ڇوته ننڊ هڪ قسم جو موت آهي ۽ جنت ۾ موت ناهي. حضرت زُهير بن محمد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جنت ۾ نه رات آهي ۽ نه ئي سج ۽ چنڊ، جنت وارا هميشه نور ۾ رهندا، انهن لاءِ رات ۽ ڏينهن جي مقدار هوندي. رات جي سڃاڻپ

پردا لٽڪائڻ ۽ دروازن کي بند ڪرڻ سان ٿيندي، جڏهن تہ پردا هٽائڻ ۽ دروازن کي کولڻ سان ڏينهن جي سڃاڻپ ٿيندي.
(البدور السافرة (اُردو)،ص667۔البدور السافرة، ص375)

الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ شهزاده اعلي حضرت مصطفيٰ رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عرض ڪن ٿا:

داخلِ خُلد ہم کو جو فرمائے تُو — ہم ہوں اور حور وغِلماں لبِ آب جو
اور جامِ طہور اور مینا سبُو — دیکھیں اعدا تو رہ جائیں پی کر لہو
اللہٗ، اللہٗ، اللہٗ، اللہٗ

(سامانِ بخشش، ص23)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب — صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جنت جي موسم

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جنت ۾ موسم معتدل رهندي، ان ۾ نہ گرمي هوندي ۽ نہ ئي ٿڌ. (البدور السافره، ص 512)

## جنت جي سيني کان وڏي نعمت

حضرت سعيد بن مسيب رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي ملاقات حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سان ٿي تہ حضرت ابو هريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: مان الله پاڪ کان سوال ڪيان ٿو تہ هو مون کي ۽ توهان کي جنت جي بازار ۾ گڏ ڪري. حضرت سعيد رَضِيَ اللهُ عَنْهُ (حيران ٿي) چيو: ڇا جنت ۾ بازار بہ هوندو؟ حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمايو: ها! مون کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ٻڌايو آهي تہ جڏهن جنتي جنت ۾ داخل ٿيندا تہ پنهنجي عملن جي حساب سان جنت جي درجن ۾ داخل ٿيندا، پوءِ انهن کي دنيا جي ڏينهن جي حساب سان هڪ هفتي ۾ اجازت ڏني ويندي پوءِ هُو پنهنجي رب جي زيارت ڪندا ۽ الله پاڪ جو عرش انهن جي سامهون ظاهر ٿيندو ۽ الله پاڪ انهن تي جنت جي باغن مان هڪ باغ ۾ تجلي فرمائيندو، پوءِ انهن لاءِ نور جا منبر، موتين جا منبر، ياقوت ۽ زبرجد جا منبر، سون ۽ چاندي جا منبر رکيا ويندا، انهن مان گهٽ درجي وارا جنتي، حالانڪ انهن مان گهٽ ڪو بہ نہ آهي، مشڪ ۽ ڪافور جي دڙي تي هوندا ۽ اهي هي تصور نہ ڪندا تہ

ڪرسين وارا انهن کان اعليٰ جڳهه ۾ آهن. حضرت ابو هريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ فرمائن ٿا ته مون عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اسان پنهنجي رب کي ڏسنداسين؟ فرمايائون: ها! ڇا تون سج کي ۽ چوڏهين جي رات ۾ چنڊ کي ڏسڻ ۾ شڪ ڪرين ٿو؟ اسان چيو: نه. ارشاد فرمايو: اهڙي طرح تون پنهنجي رب کي ڏسڻ ۾ شڪ نه ڪر، الله پاڪ هن مجلس ۾ سيني جي سامهون بي حجاب هوندو، ايستائين جو انهن مان هڪ شخص کي ارشاد فرمائيندو: اي فلاڻي جا پٽ فلاڻا! ڇا توکي اهو ڏينهن ياد آهي جڏهن تون هيئن هيئن چيو هو؟ الله تعاليٰ ان کي سندس ڪجهه دنياوي وعدي خلافيون ياد ڏياريندو، پوءِ اهو شخص چوندو: اي الله! ڇا تو مون کي معاف نه ڪيو؟ الله پاڪ فرمائيندو: ها! تون منهنجي وسيع رحمت جي ڪري ئي ته پنهنجي هن مقام تي پهتو آهين. اهي اُنهيءَ حالت ۾ هوندا ته هڪ ڪڪر انهن کي ڍڪي ڇڏيندو ۽ انهن جي مٿان هڪ اهڙي خوشبو جي بارش ڪندو جو ان جهڙي خوشبو ڪنهن به شيءِ ۾ نه هوندي، ۽ اسان جو رب فرمائيندو ته: ”وجو ان انعام ڏانهن جيڪو مون توهان لاءِ تيار ڪيو آهي ۽ ان مان جيڪو چاهيو ڪڻو. پوءِ اسان ان بازار ۾ پهچنداسين جنهن کي چوڌاري ملائڪن گهيريو هوندو، ان ۾ اهڙيون شيون هونديون، جن کي نه ڪنهن اک ڏٺو، نه ڪنهن ڪن ٻڌو ۽ نه دل ۾ ان جو خيال گذريو، پوءِ اسان جيڪو چاهينداسين، اُهو اسان کي ڏنو ويندو، اتي خريد و فروخت نه هوندي ۽ اُن بازار ۾ جنتي هڪٻئي سان ملندا، ۽ بلند مرتبي وارو پاڻ ايندو ۽ هيٺين درجي واري سان ملندو، حالانڪ انهن ۾ ڪو به هيٺين درجي جو نه هوندو، هو ان کي جيڪو لباس پهريل ڏسندو ان کي پسند ايندو، اڃان اُن جي آخري ڳالهه به ختم نه ٿيندي ته هو پنهنجي ڪپڙن کي بهتر محسوس ڪندو، هي ان لاءِ هوندو جو جنت ۾ ڪو به غمگين نه ٿيندو، پوءِ اسان پنهنجي گهرن ڏانهن واپس وينداسين ۽ اسان جون زالون اسان سان ملنديون ۽ چونديون: مرحبا ، ڀلي ڪري آيا! جنهن وقت توهان هتان ويا هيؤ ان جي مقابلي هاڻي توهان جو حسن ۽ جمال تمام گهڻو وڌيڪ آهي. پوءِ اسان چونداسين: اَڄ اسان کي پنهنجي رب جي دربار ۾ ويهڻ نصيب ٿيو هو، (خداءِ) جبار جي حضور ۾ اسان کي ويهڻ جو موقعو نصيب ٿيو، اسان جو حق اهوئي هو ته اهڙي طرح موٽون جيئن هاڻي موٽيا آهيون. (ترمذي، حديث: 4/246، حديث: 2558)

## ڇا عورتن کي جنت ۾ رب جو ديدار ٿيندو؟

رب جي ديدار جي باري ۾ صحيح ڳالھ اھا آھي تہ ديدار جنتي مردن ۽ عورتن ٻنهي کي ٿيندو. (مراة المناجيح 7/517)

## اللہ جي خاص مھرباني

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جنت جي نعمتن ۾ سڀ کان وڏي نعمت ھي ھوندي تہ اللہ پاڪ جنتين سان راضي ٿيندو. انهن سان ڪڏھن بہ ناراض نہ ٿيندو. محبوب جي خوشي عاشق لاءِ وڏي نعمت آھي. ياد رکڻ گھرجي تہ اللہ جي رضا ۽ اللہ جو ديدار ڪنھن بہ عمل جو بدلو نہ ھوندو. اھو اللہ پاڪ جو خاص تحفو ھوندو. (نور العرفان ص 315)

## جنتون ڪيتريون آھن؟

جنتن جو تعداد اٺ آھي، جن جا نالا ھن طرح آھن. (1) دارُ الجلال (2) دارالقرار 3) دارالسلام (4) جنت عدن (5) جنت ماوا (6) جنت خلد (7) جنت الفردوس (8) جنت نعيم. (تفسير روح البيان 1/82 ملتقطا)

## جنت جي دعا

اللہ جي محبوب آخري نبي مڪي مدني محمد عربيءَ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جنھن اللہ کان ٽي دفعا جنت جو سوال ڪيو تہ جنت چوندي آھي: اي اللہ! ان کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏ ۽ جنھن شخص دوزخ جي باھ کان ٽي دفعا پناھ گھري تہ دوزخ چوندو آھي: اي اللہ ھن کي دوزخ کان پناھ ۾ رک.
(ترمذی،257/4،حدیث:2581)

## ڪھڙي جنت جي دعا گھري وڃي؟

ھڪ ٻي حديث ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏھن توھان اللہ کان سوال ڪيو تہ ”فردوس“ جو سوال ڪيو. (ترمذي 238/4، حديث: 2538)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ڇا توھان کي خبر آھي جنت الفردوس ڪھڙي جنت آھي؟ اسان جا پيارا آقا مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم اھل بيت ۽ اصحاب رسول جنّت الفردوس ۾ ھوندا، انھي ڪري امير اھل سنت دامت

برڪاتهم العاليه پنهنجي نظمن ۽ دعائن ۾ اڪثر جنت الفردوس گهرندا آهن:
اَللّٰهُمَّ اَدۡخِلۡنَا جَنَّةَ الۡفِرۡدَوۡسِ بِغَيۡرِ حِسَابٍ۔

میری سرکار کے قدموں میں ہی اِن شاءَاللہ
میرا فردوس میں عطار ٹھکانا ہوگا

(وسائلِ بخشش،ص185)

حديث جي حڪم تي عمل ڪرڻ جي نيت سان الله پاڪ جي بارگاھ ۾ دعا ڪريون ٿا. يا الله پاڪ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وسيلي اسان کي بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت الفردوس ۾ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ.

ياالله پاڪ! مون کي بغير حساب ۽ ڪتاب جي جنت الفردوس ۾ آقا ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب فرماءِ. يا الله پاڪ اسان کي جنت الفردوس ۾ پياري پياري آخري نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو عطا فرماءِ.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ہشتِ خُلد آئیں وہاں کسبِ لطافت کو رضاؔ
چار دن برسے جہاں اَبرِ بہارانِ عرب

(حدائقِ بخشش،ص61)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هلو هلو جنت ڏانهن هلو

جنت جا طلبگارؤ! الله پاڪ ايمان وارن لاءِ جنت ۾ ڪيتريون ئي خوبصورت ۽ اعليٰ نعمتون پيدا فرمايون آهن، الله پاڪ اسان کي پنهنجي رحمت سان، اسان کي به انهن نعمتن سان نوازي ۽ اسان کي جنت ۾ بغير حساب ۽ ڪتاب جي داخلا عطا فرمائي. دنيا ۾ خوبصورت نظارا ڏسڻ لاءِ ماڻهو هزارين ۽ ڪروڙين روپيا خرچ ڪري مختلف هنڌن تي ويندا آهن بلڪ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ جو سفر به ڪندا آهن. دنيا جا خوبصورت ترين منظر جنت جي حسن جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه آهن. ڪاش! جبلن، ڏکين رستن تي هلي ڪري بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي جان خطري ۾ وجهي ڪري دنيا جي فنا ٿيڻ واري خوبصورتي ڏسڻ جي لاءِ وڃڻ وارن جي دلين ۾ جنت جي ابدي حسن جي تمنا پيدا ٿئي.

جڏهن توهان دنيا جو خوبصورت منظر ڏسو تہ تصور ڪيو! جنهن رب فنا ٿيڻ واري هن دنيا کي ايترو خوبصورت بڻايو آهي جيڪا ڏسڻ جي اعتبار سان فرمانبردار ۽ گنهگار ٻنهي لاءِ برابر آهي، تہ ان خُدا پنهنجي جنت جيڪا صرف صالحن ۽ فرمانبردارن لاءِ ٺاهي آهي اها ڪيتري خوبصورت هوندي. اها بہ اهڙي آهي جيڪا ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندي، چند منٽ ۽ چند لمحن لاءِ نہ، بلڪ ان جي رحمت سان بہ جنت ۾ داخل ٿيڻ واري کي ابدي زندگي نصيب ٿيندي. ڪاش! جنت حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿئي. دنيا جي چند ڏينهن جي سير ۽ تفريح جي لاءِ ۽ خوبصورت منظر ڏسڻ لاءِ سخت محنت برداشت ڪري سگهجي ٿي، تہ پوءِ جنت حاصل ڪرڻ لاءِ نيڪ عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڇو نہ ٿي ٿئي.

امام محمد بن محمد بن محمد الغزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنت جي حقيقت ۽ جنتي ماڻهو جي نعمتن ۽ خوشين جو تصور ڪري غور ڪريو ۽ ان شخص جي پشيمانيءَ جو اندازو ڪريو جنهن جنت جي بدلي دنيا تي قناعت ڪئي ۽ جنت کان محروم ٿي ويو. (احياء العلوم جلد 303/5 ملخصا)

جنت جا طلبگارؤ! جنت کي عبادت جي سختين سان ڍڪيو ويو آهي. هن دنيا جي پنجاهہ، سٺ سالن جي مختصر زندگي عبادت ۾ گذاري ڪري هميشہ جي زندگي آرام ۽ سڪون ۾ گذاريو. پنهنجي نفس کي مشقت ۾ وجهي، عبادت ۽ رياضت ۾ وقت گذاري سنتن تي عمل ڪري، نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڪري، گناهن کان بچي ڪري، ٻين کي بچائيندي زندگي گذارڻ وارو، الله پاڪ جي رحمت ئي سان جنت ۾ داخل ٿيندو. يقيناً جنت الله پاڪ جي رحمت سان ملندي، ڇو تہ جنت ۾ داخل ٿيڻ لاءِ نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ گناهن کان پاسو ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي، ان ڪري اسان کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي تہ ان جا فرمانبردار ٻانها بڻجي وڃون. الله تعاليٰ اسان کي پنهنجي رحمت، پنهنجي ڪرم ۽ پنهنجي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي اسان گنهگارن کي پنهنجي پاڪيزه گهر جنت ۾ بغير حساب ۽ ڪتاب جي داخلا نصيب فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## جنت ۾ وٺي وڃڻ وارا عمل

هونئن ته هر نيڪ عمل جنت ۾ وٺي وڃي سگهي ٿو، هاڻي انهن نيڪ عملن مان ڪجهه بيان ڪيا پيا وڃن، جن تي عمل ڪرڻ وارن جي باري ۾، حديثن ۽ روايتن ۾ جنت جون بشارتون ڏنيون ويون آهن. الله جي رضا جي لاءِ انهن تي عمل ڪرڻ جنت ۾ داخل ٿيڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو.

### (1) اسلام جو ڪلمو

مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص ”لَآ اِلٰـہَ اِلَّا اللہُ“ (الله کان سواءِ ڪوبه معبود نه آهي) جو يقين رکندي مئو اهو جنت ۾ داخل ٿيندو.
(مسند ابو داوٗد، ص265، حديث: 1965)

حضرت علامه عبدالمصطفي اعظمي رَحْمَةُ اللہِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هي اسلام جو اهو ”بنيادي ڪلمو“ آهي جنهن تي اسلام جي سڄي عمارت قائم آهي. هي ڪلمو بلاشڪ جنت ڏانهن وٺي وڃڻ وارو عمل بلڪ جنت ۾ وٺي ويندڙ سيني صالح عملن (يعني نيڪ عملن) جو اصل ۽ بنياد آهي، حديث ۾ جتي صرف ”لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ“ جو ذڪر آهي، اتي ان مان مراد پورو ڪلمو يعني ”لَآ اِلٰہَ اِلَّا اللہُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللہ“ آهي. (بهشت جون ڪنجيون، ص 33)

### (2) سنتن تي عمل

سنت جي پيروي ڪرڻ نه رڳو جنت ۾ داخل ٿيڻ جو سبب آهي، پر سُنّت تي عمل ڪرڻ وارا خوش نصيب عاشقانِ رسول ڪي جنت ۾ پياري آقا مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو پاڙو ملندو، جيئن ته الله پاڪ جي فضل سان اسان گنهگارن ڪي جنت ۾ وٺي وڃڻ واري نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ جنت نشان آهي: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو.
(مشکوٰۃ المصابیح، 55/1، حديث:175)

سینہ ترِی سُنّت کا مدینہ بنے آقا　　جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## (3) جنت جا اٺ ئي دروازا کلي ويندا آهن

حديث پاڪ ۾ آهي: جنهن چڱيءَ طرح وضو ڪيو ۽ پوءِ آسمان ڏانهن نهاريو ۽ ڪلمو شهادت پڙهيو، ان لاءِ آسمان جا اٺ ئي دروازا کوليا ويندا آهن جنهن مان چاهي اندر داخل ٿئي. (دارمي، 196/1، حديث: 716)

## (4) مسجد ٺهرايو، جنتي محل حاصل ڪيو

الله پاڪ جي عطا سان مالڪ جنت، قاسم نعمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو الله جي لاءِ هڪ مسجد ٺاهيندو ته الله پاڪ ان لاءِ جنت ۾ گهر ٺاهيندو.
(ابن ماجه: ، 408/1، حديث737)

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مسجد ننڍي هجي يا وڏي، اڪيلو ٺاهي يا ٻين سان ملي ڪري جيڪڏهن نيت سچي آهي ته ان شاالله اهوئي ثواب (يعني جنت ۾ هڪ گهر) آهي. (مراة المناجيح، 5/183)

## (5) نماز

مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان جنت نشان آهي: الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو: "جيڪڏهن ڪو ٻانهو پنهنجي نماز وقت تي قائم رکي ته منهنجي ٻانهي جو منهنجي ذمي ڪرم تي عهد آهي ته مان ان کي عذاب نه ڏيان. کيس بغير حساب جي جنت ۾ داخل ڪيان. (الفردوس بماثور الخطاب 3 ص 171، حديث: 4455)

پڑھتے رہو نماز تو چہرے پہ نور ہے — پڑھتا نہیں نماز وہ جنت سے دور ہے

## (6) سنت مؤڪده

الله پاڪ جي رحمت سان ڀرپور جنت جي تمنا ۾ بيتاب ٿي وڃو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون تيز ڪيو. فرض نمازن سان گڏ سنت مؤڪده جي به عادت بڻايو ۽ جنت ۾ داخل ٿي وڃو، جيئن سيني مسلمانن جي پياري امڙ حضرت اُمِّ حبيبه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪو شخص ڏينهن ۽ رات ۾ ٻارهن رڪعتون پڙهندو ان لاءِ جنت ۾ هڪ گهر ٺاهيو ويندو، چار رڪعتون ظهر جي نماز کان پهريان ۽ ٻه رڪعتون ظهر جي نماز کان پوءِ ۽ ٻه رڪعتون مغرب کان پوءِ ۽ ٻه رڪعتون عشاء کان

پوءِ ۽ ٻہ رڪعتون فجر جي نماز کان پهريان آهن. (ڪل ٻارهن رڪعتون سنت موڪده آهن). (ترمذي 1/424، حديث: 415)

هڪ حديث ۾ آهي: جيڪو ظهر کان پهريان ۽ ظهر کان پوءِ چار رڪعتون پابندي سان پڙهندو، الله پاڪ ان لاءِ باهہ کي حرام ڪندو. (ترمذی، 435/1، حديث: 428)

علامہ طحطاوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهڙو شخص بلڪل بہ باهہ ۾ داخل نہ ٿيندو ۽ ان جا گناهہ مٽايا ويندا ۽ ان جي مٿان جيڪي بہ مطالبا هوندا، الله پاڪ ان جي فريق کي راضي ڪندو يا ان جو مطلب اهو هوندو تہ اهو ان کي اهڙي ڪم ڪرڻ جي توفيق ڏيندو جن تي سزا نہ هجي. (حاشيه الطحطاوي، علي الدر المختار 284/1)
علامہ شامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اهڙي ماڻهو لاءِ خوشخبري آهي جو سعادت تي ان جو خاتمو ٿيندو ۽ دوزخ ۾ نہ ويندو. (ردالمحتار، 547/2)

## (7) نماز تهجد

حضرت عبدالله بن سلام رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ جڏهن حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مديني ۾ آيا تہ پهرين حديث جيڪا مون پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان ٻڌي اها هيءَ هئي تہ اي انسانو! توهان سلام کي ڦهلايو، ڪاڌو ڪارايو، پنهنجن مائٽن سان سنو سلوڪ ڪيو ۽ رات جو جڏهن سيئي ماڻهو سمهي رهيا هجن تہ نماز پڙهو. توهان ائين ڪندؤ تہ توهان جنت ۾ سلامتيءَ سان داخل ٿي ويندؤ. (ترمذي 4/219،حديث: 2493)

## نماز تهجد جي برڪت سان بخشش

سلسلہ عاليہ قادريہ رضويہ عطاريہ جي يارهين پير ۽ مرشد حضرت جنيد بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وفات کان پوءِ ڪنهن خواب ۾ ڏٺو ۽ عرض ڪيو: اي ابو القاسم (هي سندن ڪنيت آهي). مرڻ کان پوءِ اوهان سان ڪهڙو معاملو ٿيو؟ هن چيو: اسان کي صرف انهن ننڍين ننڍين رڪعتن فائدو ڏنو جيڪو اسان سحري جي وقت ۾ ادا ڪندا هئاسين. (حلية الاولياء، 276/10، رقم:15220)

## (8) تحية الوضو نماز

نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي نماز جي وقت حضرت بلال رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي فرمايو: اي بلال! اسلام ۾ سڀ کان وڌيڪ اُميد وارو عمل جيڪو تو ڪيو

هجي اهو ٻڌاءِ، ڇو ته مون پنهنجي اڳيان جنت ۾ تنهنجي هلڻ جو آواز ٻڌو آهي، ته حضرت بلال (رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ) عرض ڪيو: منهنجو سيني ڪان وڌيڪ اُميد وارو عمل اهوئي آهي ته مان ڏينهن يا رات جي ڪنهن به وقت ۾ جڏهن وضو ڪندو آهيان ته منهنجي مقدر ۾ جيڪا نماز لکيل آهي ان کي هن وضو سان پڙهي وٺندو آهيان. (بخاري، 1/390، حديث: 1149)

مفتي عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡه لکن ٿا: حضرت بلال (رَضِیَ اللہُ عَنۡهُ) جو جنت ۾ حضور اکرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اڳيان هلڻ بي ادبي جي ڳالهه ناهي. بادشاهه جا ڪجهه خادم بادشاهه جي پنيان پنيان ۽ ڪجهه خادم جهڙوڪ نقيب ۽ چوڪيدار اڳيان اڳيان هلندا آهن ۽ اهي بئي بادشاهه جا باادب نوڪر ئي هوندا آهن. هي حديث حضرت بلال جي بلند رتبي کي ظاهر ڪري ٿي ته هو جنت ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو نقيب هوندو ۽ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آمد جو اعلان ڪندي اڳيان اڳيان هلندو ۽ حديث پاڪ مان ظاهر ٿئي ٿو ته هي بلند مرتبو کيس "تحية الوضوء" جي بدولت عطا ڪيو ويو آهي.

(بهشت جون ڪنجيون، ص 77)

مَدَني گل: وضوءَ ڪان پوءِ، عضوا سڪي وڃڻ ڪان پهريان به رڪعتون نماز پڙهڻ مستحب آهي.

## (9) زڪوات

ڳوٺ ۾ رهندڙ هڪ صحابيءَ پياري آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: منهنجي ڪنهن اهڙي عمل تي رهنمائي فرمايو ته جڏهن مان اهو عمل ڪريان ته جنت ۾ هليو وڃان. ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله جي عبادت ڪريو، ان سان ڪنهن کي به شريڪ نه ڪيو، فرض نماز قائم ڪيو، زڪوات ڏيو ۽ رمضان جا روزا رکو. ان اهو ٻڌي عرض ڪيو ته قسم آهي ان ذات جو جنهن جي قدرت ۾ منهنجو ساهه آهي ته مان ان ڪان وڌيڪ نه ڪندس. پوءِ جڏهن اهي پٺي ڦيرائي هليا ويا ته حضور اکرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته جنهن کي اهو پسند هجي ته هُو ڪنهن جنتي شخص کي ڏسي ته اهو هن ماڻهو کي ڏسي وٺي. (بخاري، 472/1، حديث: 1397)

## 10) روزو رکڻ

آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان آهي: جنت ۾ هڪ دروازو آهي جنهن کي "باب الريان" سڏيو ويندو آهي. ان مان قيامت جي ڏينهن روزيدار (جنت ۾) داخل ٿيندا، روزيدارن کان سواءِ ڪوبہ هن دروازي مان جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. چيو ويندو: روزيدار ڪٿي آهن؟ پوءِ اُهي اٿي بيهندا ۽ ان ۾ انهن کان علاوه ٻيو ڪوبہ داخل نہ ٿيندو. جڏهن اهي ماڻهو داخل ٿي ويندا تہ اهو دروازو بند ڪيو ويندو. (بخارى، 625/1،حديث:1896)

## (11) حج

صحابي رسول حضرت ابو هريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هڪ عمري کان ٻئي عمري تائين انهن جي وچ ۾ گناهن جو ڪفارو آهي ۽ مقبول حج جو جنت کانسواءِ ڪوبہ ثواب ناهي.

(بخاري، 586/1، حديث: 1773)

## (12) دنيا ۾ رهندي پنهنجو جنتي مقام ڏسڻ جو وظيفو.

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي روزانو درود شريف پڙهندا رهو جيڪڏهن ٿوري توجه سان ۽ وقت ڪڍي روزانو هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهي ونجي تہ اهڙي خوش نصيب تي ڪهڙو ڪرم ٿيندو آهي ٻڌو: نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي جيڪو مون تي هڪ ڏينهن ۾ هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو رهي اهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين هو جنت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي وٺي. (الترغيب في فضائل الاعمال لابن شاهين، ص 14، حديث: 19)

ہر وقت جہاں سے کہ انہیں دیکھ سکوں میں　　　جنت میں مجھے ایسی جگہ پیارے خدا دے

(وسائلِ بخشش،ص120)

## عورتن کي جنت ۾ ڇا ملندو؟

جنت جو بيان پڙهي يا ٻڌي ڪري اڪثر عورتون سوچينديون آهن تہ جنت ۾ عورتن کي ڇا ملندو؟ يا اهي عورتون جيڪي شاديءَ کان پهريان ئي مري ويون اهي جنت ۾ وڃڻ جي صورت ۾ ڪهڙي طرح رهنديون تہ ان جي باري ۾ تفصيل هن ريت آهي:

(1) عورتن کي جنت ۾ سندن اهي مڙس ملندا، دنيا ۾ اهي جن جي نڪاح ۾ هيون بشرط هي ته مڙس به جنتي هجن.

(2) جيڪڏهن ڪنهن عورت جو مڙس جنت ۾ نه وڃي سگهيو ته ان جو نڪاح ڪنهن ٻئي جنتي مرد سان ڪيو ويندو. اهڙي طرح جيڪي عورتون ڪنواريون مري ويندون آهن، انهن جي به جنت ۾ ڪنهن مرد سان شادي ڪئي ويندي.

ان کان علاوه جنت جون نعمتون جهڙوڪ محلات، لباس، غذائون ۽ عطر وغيره اهي مردن ۽ عورتن ۾ مُشترڪ آهن. (فتاوی اهل سنت، سلسله نمبر 7، ص 24)

(3) جيڪڏهن ڪا عورت هڪبئي پٺيان هڪ کان وڌيڪ مردن سان نڪاح ڪري ٿي ته ان ۾ ٻه قول آهن: هڪ قول مطابق جنهن شخص جي نڪاح ۾ سڀني کان آخر ۾ هئي ان سان گڏ جنت ۾ هوندي. جيئن پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو عظيم الشان فرمان آهي: عورت جنت ۾ پنهنجي ان مڙس جي نڪاح ۾ هوندي جيڪو دنيا ۾ سندس سڀني کان آخري مڙس هو. (مسند الشاميين، 2/359، حديث: 1496) ٻيو قول آهي ته جنهن جو اخلاق بهترين هوندو ان کي ئي ملندي، جيئن سڀني مسلمانن جي پياري امڙ حضرت بيبي اُم سلمه رضي الله عنها عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ! ڪجھ عورتون هن دنيا ۾ ٻه، ٽي يا چار مڙسن سان (هڪ کان پوءِ ٻي) شادي ڪن ٿيون، پوءِ مرڻ کان بعد اهي جنت ۾ گڏ ٿين ته اها عورت ڪهڙي مڙس لاءِ هوندي؟ پاڻ سڳورن فرمايو: ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ بهترين هوندو اها ان مڙس کي چونڊيندي. (معجم ڪبير 368/23، حديث: 870)

انهن ٻنهي احاديث ۽ اقوال ۾ ڪو به ٽڪراءُ نه آهي جيئن ته حضرت امام احمد بن حجر مڪي شافعي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: جنهن عورت هڪ ٻئي پٺيان ڪيئي نڪاح ڪيا هجن ۽ هر هڪ مڙس ان کي طلاق ڏني هجي پر آخري مڙس ان کي طلاق نه ڏني ۽ اها ان جي نڪاح ۾ مري وئي ته ان صورت ۾ ان جي شادي جنت ۾ آخري مڙس سان ڪئي ويندي جيئن پهرين حديث ۾ آهي. ٻي صورت هيءَ آهي ته جيڪڏهن هن گهڻيون شاديون ڪيون پوءِ هر مڙس هن کي طلاق ڏئي ڇڏي ۽ جڏهن هوءَ مري وئي ته ان جي ڪنهن سان به شادي نه هئي ته صرف انهيءَ حالت ۾ ان کي اختيار ڏنو ويندو ۽ جنهن مڙس جو اخلاق دنيا ۾ بهترين هوندو اها ان مرد کي اختيار ڪندي. (فتاوي حديثيه ص 70 مان اقتباس)

## 18 شيون جيڪي جنت کان دنيا ۾ آيون آهن

(1) اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجي گهر ۽ منبر جي وچ ۾ جڳهه جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي. (بخاري، 402/1 حديث: 1195)

(2 کان 5) مديني جي سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته چار برڪت واريون شيون الله پاڪ جنت مان نازل ڪيون آهن لوهه، باهه، پاڻي ۽ لوڻ.
(تفسير صاوي پ: 27، الحديد: 6.25 / 2112 )

## چار جنتي جبل ۽ نهرون

(6 کان 13) مديني جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: چار نهرون جنت جي نهرن مان آهن: نيل، فرات، سيحان ۽ جيحان، ۽ چار جبل جنت جي جبلن مان آهن: احد. طور، لبنان ۽ ورقان. (البدور السافره ص 529)


(14 کان 17) جڏهن حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جنت مان زمين تي آيا ته حجر اسود، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي عصا، لوهه ۽ هر قسم جا ٻج جنت مان گڏ کڻي آيا هئا. (25/6/2112: تفسير صاوي، ص 27، الحديد)

(18) معراج جي سواري براق جنت مان آيو هو. (ماخوذ از مرات المناجيح 137/8)

جبریل امین بُراق لئے جنت سے زمیں پر آپہنچے
بارات فرشتوں کی آئی معراج کو دولہا جاتے ہیں
(وسائلِ بخشش،ص287)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

ايندڙ هفتي جو رسالو





فیضانِ مدینہ، محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net